# مرگهه ترشنا



عبدالجبار جوڻيجو

153N

# مرگهه ترشنا

عبدالجبار جوڻيجو

سنڌي اڪيڊمي
474 صدر، حيدرآباد سنڌ.

ـ سڀ حق ۽ واسطا اڪيڊمي وٽ محفوظ آهن

ٻيون ڇاپو مارچ 1976

قيمت ٥ رپيا

MIRGH TIRISHNA (Poems) in Sindhi by
Dr. Abdul Jabbar Junejo Published by Aslam Laghari
Secretary Sindhi Academy Ist Edition 1976.

ڇپائيندڙ: اسلم لغاري، سيڪريٽري سنڌي اڪيڊمي.
ڇپيندڙ: سيد مظفر حسين، پرفيڪٽ پرنٽرس 474 صدر،
حيدرآباد سنڌ.

## امانت علي خان جي ناليءِ

مسي قرب ڪڇهريون ڀاد اٿم، فريـاد اٿـم فرياد اٿـم،
ڪي راڳ مليا ڪي داغ مليا، ڇا ايمن ۽ شهانا ڇـا.
تو ســورن ڪارڻ ســوز ڪيا، ڪي ٻول ڇپيا انمول ڇپيا،
هن شهر ٻرهاڻ نہ ايندين تون، ويا تو ڪي وٺي ويرانا ڇا؟

عبدالجبار.

## مصنف جا ڇپيا ڪتاب

| | |
|---|---|
| سوکڙي — | ١٩٥٦ع |
| اباڻو گهر — | ١٩٥٨ع |
| دانشمندي — | ١٩٥٨ع |
| ڪنزاللطيف — | ١٩٦١ع |
| سوري آ سينگار — | ١٩٦٣ع |
| غزلن جو غنچو — | ١٩٦٣ع |
| سنڌيون — | ١٩٧٠ع |
| ماٺوءَ جي ملڪ ۾ — | ١٩٧٣ع |
| سنڌي ادب جي مختصر تاريخ — | ١٩٧٣ع |
| اڪيلي — | ١٩٧٤ع |
| لاڙ جي لغات — | ١٩٧٥ع |

### ڇپائيءَ هيٺ

١. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي لکيل ڪتابن ۽ مقالن جي فهرست.
٢. سورٺ مٺي سڪ ڏيو. (ناولٽ)

هونئن تہ ادب جي هر صنف انساني سوچن سان راند ڪري ٿي، پر شاعريءَ جي هر ست ڪاٿ ڪٿي جيئن اندر پوريندي رهندي آهي، ۽ اسان چوند شاعريءَ جا ڪتاب اوهان تائين آندا آهن ۽ آڻيون پيا.

”مرگهہ ترشنا“ سنڌي اڪيڊمي جو 6 ڪتاب آهي، هن کان اڳ اوهان اسان جا 5 ڪتاب پڙهيا هوندا اسان پنهنجي وس آهر اوهان کي سٺا ڪتاب مهيا ڪريون ٿا. اميد اٿئون تہ اوهين بہ قرب سان قبول ڪري سنڌي ادب جي همت افزائي ڪندا رهندا.

اسلم لغاري
سيڪريٽري سنڌي اڪيڊمي

# مهاڳ

وڻندڙ ڏيک، جهڙوڪ: مٺا مٺا وڻ، اڇو آجرو وهندڙ پاڻي، دل ڇڪيندڙ ماڻهيون ۽ اهڙا ٻيا سرشتيءَ جي سونهن جا اهڃاڻ - ڇا سڀ ڪجهه آهن؟ ڇا انهن جي سونهن کي ڳائيندي شاعر چڙڪ هر ڳالهه ڇڏي ٿو وڃي؟

دنيا جا لڳ لاڳاپا ۽ دل کي وڻندڙ دنيا جون رنگينيون؛ جن کي ساميءَ مايا جو موهه سڏيو آهي. تن جي ڇڏڻ جو ارادو شاعريءَ ۾ ڏيکارجي ته بهتر ٿيندو؟ فيلسوفن ۽ شاعرن دنيا کي تياڳڻ بابت به گهڻو چيو آهي ۽ دنيا کي ڇهڻ پوڻ بابت به ڪجهه چيو اٿن. اسان جي مشرقي شاعريءَ جو دفتر اهڙن مثالن سان ڀريو پيو آهي.

جيئن ڪنهن تصوير ۾ موضوع جي پٺيان پس منظر نظر ايندو آهي؛ تيئن سرشتيءَ جي سونهن انساني سونهن کي پس منظر مهيا ڪري ٿي، اهو منهنجو خيال آهي. جڏهن ڪير قدرتي نظارن بابت گفتگو ڪندو آهي ته مون کي بلڪل ڪوبه لطف ڪونه ايندو آهي ۽ بور ٿيندو آهيان. ڇو جو آءٌ انسان کي گفتگو جو موضوع بڻائڻ وڌيڪ پسند ڪريان ٿو، هونئن گل ڦلن گلزارن جو ذڪر شاعريءَ ۾ مون به ڪيو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن ايئن به سوچيو هوندم ته انسان هن دنيا ۾ هرڻ وانگر آهي، جي اُڃ کي پاڻي سمجهي ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي ٿو پوي. عملي زندگيءَ ۾ اوهان ۽ اسان ڏٺو آهي ته هروڀرو ايئن به نه آهي. ڪيترا ماڻهو وڃي منزل ماڻين ٿا.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي سٽوڊيوز کان هوٽل ڏي ۽ هوٽل کان سٽوڊيوز ڏي ويندي منهنجي برادريءَ جا ماڻهو مون کان پڇندا هئا ۽ خانصاحب جي برادريءَ جا کانئس پڇندا هئا. ساڳيو سوال "ڪنهن سان پيو گهمين؟" جواب ب ساڳيو هوندو هو — 'دوست سان.'

منهنجن هنن شعرن ۾ سندس آواز ب شامل آهي. منهنجا ڪي شعر هُئي تخلص سان ب اڳ ڇپيا هئا. تقريباً پنهنجو سمورو ڪلام هن ڪتاب ۾ آندو اٿم. ترجمو ٿيل ڪجھ ڪلام، ٿوري ڪيترا اصلوڪا هائڪا ۽ چونڪ تازا آهن. ڪن دوستن ڪلام ڇپائڻ لاءِ همٿايو ۽ ڪلام اوهان جي هٿن ۾ آهي.

نوٽ

عبدالجبار

١٠-٣-١٩٧٦ع

| | |
|---|---|
| دوها | ٩ |
| بيت | ١٣ |
| وايون | ٢٨ |
| ڪافيون | ٣٨ |
| غزل | ٣٦ |
| نظم | ٣٩ |
| ترجما | ٥٤ |
| منظوم ڪهاڻي | ٥٨ |
| متفرڪو | ٦٤ |
| هائڪا | ٦٧ |
| چوڪ | ٧٤ |

# دوهــا

ســاٺ ســاٺ ۽ تارا مرڪيا، مُرڪي هئي پرڀات،
رات آها ڪا رات هئي، کهڙي تنهن جي بات.

••

ڏات ته ڪوئي ڏوه نه آهي، ڏات مٿي ڇو جهيڙو؟
ڏات وارن کي شهر نيڪالي، ويڪرو ٿئي ويڙهو.

••

ڪير نه آهي ورهه ويڳاڻو، ڪير نه آ مجبور،
ڪير نه آهي در در ڀٽڪيو، ڪير نه آ رنجور.

••

کهڙا کهڙا رنگ ڏناسين، کهڙا کهڙا کيل،
ورهه وڇوڙا کهڙا کهڙا، کهڙا کهڙا ميل.

••

نيڻ نهــار ڪان دور وڃن، ۽ دل ۾ ڪن ٿا ديرو،
ڇا اهــو پڻ آهي ڪو، مايا جــو نــي ڦيرو.

••

ٻاهر ٻاڦ نــه ڪڍئي آهي، اندر ۾ ٿي اور،
مايا جو بس ڦيرو آهي، ڪنهن جو ڪونهي زور.

••

نيٺ ته تنهنجا ٽڪرا ٿيندا، چنڊ نه مون تي کيل،
منهنجي الائي ڇا جي ڪارڻ، ٽڪرا ٿي پئي دل.

رات ٽڏي ۽ ڏينهن تتو، جهڙو تنهنجو پيار،
تنهنجو پيار ٻه رڃ ۾ رولو، رڃ تي ڇا اِتبار،

••

منهن تي آهي مرڪ سڀن کي، دل جو شيشو چُور،
پاڻيءَ وانگر ٻڌي وڃن ٿا، ماڻهو ڪهڙا سُور.

••

چنڊ هيٺ لهي آيو، ڪرڻ مان ڪلهه رات،
سرتيون منهنجي ساهه کي، ڏيئي ويو ڏات.

••

هٿ ۾ مون کي ڏيئي ويئي، ڳاڙها پيلا گل،
منهنجو من هو خالي هندورو، هن جي پريت آمل.

••

ريت ڪريت جا ور وراڪا، ڪنهن ڇڏيا هٿ ٿاهي،
تنهنجي پريت ٻه ڇانوَ ڪڪر جي، جهڙي آهي تهڙي ناهي.

••

هيءَ ڌرتي پياسي آهي، منهنجو من پڻ پياسو،
اکڙين ۾ دم دم آهي، تنهنجو ئي بس واسو.

••

چانڊوڪيءَ ۾ گهايل آهيان، تون پڻ گهايل ٿيندئين،
جنهن ويلي ٿو لوڪ سمهي، تنهن ويلي تون ايندئين.

••

دل ۾ آيو خوشبو بڻجي، ساهه ويو مهڪائي،
وهم وسوسا نڪري ويا ۽ پيار ويو پرچائي.

••

آيو دل جي دنيا ۾، ۽ ڇيڙ ويو ڇمڪائي،
دل تان بار ويو سڀ لاهي، روح رتل پرچائي.

چنڊ ۽ منهنجو تارا منهنجا، ڪنهن جي ڪانهيم ڪاڻ،
سنڌ سموري مون سان آهي، تون جي آهين ساڻ.

••

جهڙا آهن مئي جا پيالا، تهڙا تنهنجا چپَ،
سهڻ اسان ۾ ڪونهي وينگس، ڪجي نہ هٽجين ڪپ.

••

خط ئي نہ لکين ٿي تون، ڇا مون ڪان رٺي آهين؟
جيئن آءٌ ڪٺو آهيان، تيئن تون نہ ڪٺي آهين.

••

اڪ ڇپيندي دور وڃي ڪو، ڪهڙو ٿيندو حال،
دردر درد سٺائي پنهنجا، ساعت ســـال.

••

روئي جن ٿـــي رڃ پريا، ٿـــي ويا خاموش،
گهر گهر ۾ نندرا ديوي، ڪنهن کي ڪونهي هوش.

••

تير ڪشي چنڊ کي هٽان، سيني منجهان پار،
زخمي ٿي پٽَ تي ڪري، ٽڪرا ٿي پئي چار.

••

ڦلڙي آهي جنهن کي نڪ ۾، ڇولي تي هٿرمچ،
وڃ ريپارا در تي ٻيهي، ڇٽي تنهن کي ڏج.

••

زيور ڪجهہ ٻي ناهن تولئہ، سڀڪجهہ آهين تونهين،
جهمڪيون جهالر نورا جهانجهر، تن کي تون ٿي سونهين.

••

آءٌ سمجهان ٿي مون برهڻ جي، اگڻ هلي تون ايندين،
چارين جي چغلين تي پيارا، مون کي ڪين ڇڏيندين.

عرش ۽ فرش جي وچ ۾ ساجن، هڪڙو محل اڏايون،
هن ڪثرت ۾ کهڙو ويهي، پنهنجو پاڻ پڙايون.

••

سرتيون مون کي ساجن پنهنجو، ڏيئي ويو رومال،
هاڻ تہ ان سان هر هر پنهنجو، اوريان ويٺي حال.

••

سوز کهٽي ۽ سڪ سان ساجن، گُن ڪلّي سيڪاري،
آءٌ سکي سا ڳايان ويٺي، راڳڻي پياري پياري.

••

ٻاب برهہ جي سرتيون مون کي، ني ڏنا ٻس تول،
ساٿ ملي پيو شعر مليو ۽ راڳ ايمن انمول.

••

ڪير بہ ڪنهنجو ڪمي ڪونهي، ڪير نہ ڪنهنجو واهي،
هاڻي هر ڪو پاڻ سنڀالي، نہ تہ ٿيندس حال تواٿي.

••

هر جائيءَ سان پريت ائين، جڻ ڏينهن ڏئي ۾ رات،
دل ۾ هرگز رحم نہ ڏاري، ڪاسائيءَ جو ڪات.

••

آبتو آهي جڳ جو ڦيرو، آبتي جڳ جي ريت،
هر ڪو چڪيءَ ۾ تو پيسي، ڪو نہ ڪنهنجو ميت.

••

ساجن پل تون دور هليو وڃ، منهن نہ تو ڪان موڙيان،
جڳ سان ناتو ٽوڙي ڇڏيان، توسان ڪيئن سو ٽوڙيان

••

ساجن مون کان دور رهي تو، ويجهو تنهن کي پائيان،
هر هر دل ۾ جهاتيون پايو، ڪيسن منجهہ لڪايان.

ويٺا ڪاٺن سُتن ڪي، هيءُ آ جڳ جي ريت،
عبدالجبار چئي ڪوڙو جڳ ۽ ڪوڙي جڳ جي پريت.

●●

ساوا وڻ سڪي ويا پيارا، برف ڍڪي آهه واري،
ڪڏهن الاهي اونهارو ايندو، ساوڪ جي آزادي.

●●

منهنجو ساهه سڪي ٿو ڇا ڪي، آءٌ اِهو جي ڇاڻان،
بندو بي وس آهي جڳ ۾، چئي وڃا سچ سياڻان.

●●

گل جو آهي جوڀن تنهنجو، هرڻيءَ جي آهه چال،
ڌرتيءَ تي جو قدم رکين تون، آڏي ٿو ڀونچال.

●●

منگوليا جون سرد هوائون، ڍبا هجي چؤماسو،
هر وڻ ۽ ٻوٽي ۾ بس، تنهنجو آهي واسو.

●●

من جي ڳالهه سٽي جي سهيلي، ٻار ڪڏي ويهي روئي،
مون برهڻ تي جيڪي گذريو، پيو نا ڄاڻي ڪوئي.

●●

ذات بنا سڀ ڏوه آ پيارا، ذات ڪي آهي سلام،
ٻاروٽي ماني ڇڻ آهي، ذات سواءِ ڪلام.

●●

راڻي ٻاغ ۾ توڪي ٻربل، مون جي ڪونه سڃاتو،
رنج نہ رهجان ڪيئن ڳنڍجي سو، ڇڄي پيو جو ناتو.

●●

پل پل پل پل گهات گهڙي ٿو، ٿاهي ٿو محلات،
ڪن ۾ اوچو ڳات ڪري ۽، ڪن ۾ ڪائي مات.

جيسين منهنجو وس هـو پيارا، تـو ۾ رکيم موه،
هاڻي آءٌ بيوس آهيان، منهنجو ڪونهي ڏوهه.

••

تولئه طعنا تنڪا مليا، مـهـڻـن جـا جنجال،
سهندي سهندي سال لنگهي ويا، پورا سورنهن سال.

••

مون کي تنهنجي سڪ لڳي آهه، ڳوٺ نه ايندين يار،
دل کي ياد رهين ٿو هردم، هليو تون آ هيڪار.

••

پريم ڀڪيڙا تـولئه ٻڌايم، اکڙين ۾ آکيرو،
ساجن تـو ۾ موهن گهڻي ۽ منهنجو من آ ميرو.

••

هيءَ نگري آ ڏک جي ساجن، سک هتي ڪو ناهي،
هرڪو پاڻ کي ميرٺو چوي، هرڪو سينو ساهي.

••

سچ جو آهي سودو اسان وٽ، سچ جي آهي واٽي،
جيڪو سچ کي ڪين مڃيندو، تنهن سان آهي لڙائي.

••

ياد اچين ٿـو پل پل ساجن، دل ۾ تنهنجو ڏيان،
گهر پڻ توتان گهوري ڇڏيان، گهوريان سڀ سامان.

••

وره وڇوڙو اؤکو آهـي، سؤکو تنهنجو سنگ،
تنهنجي جوت جلي ٿي من ۾، گل ۾ تنهنجو رنگ.

••

جگ ۾ ڪنهن سان پريت نه رکبي، ڪوبه نه من جو ميت،
جڳواسي سڀ آهن اناڙي، نه ڄاڻن پريت جي ريت.

ساجن توئي سينگاردو هو، سپنن جو سنسار،
تنهنجي دم سان هوندو هو، پر بہ چڻ بازار.

••

ماڻهوءَ جي ہر ذات ڏنگي آهہ، اِهو آهہ رکڻو ڌيان،
هي ماڻهو کنهن اتکل سان، چوائي پيو انسان.

••

پاڻ سنيالي هلڻو آهي، آهي اوندهي ہاٽ،
ماڻهو کنهن جي پريت نہ سهندا، کندا کيئي ناٽ.

••

پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي، اڄ ڏسي تو کير،
پيري پاڻ ئي هڙ کايو پوءِ، پاڻ کٽي تو پير.

••

توکي ساجن ساريان ويٺي، مل اچي تون پيارا،
تنهنجي آءَ نانءُ سچان تي، منهنجا جيءَ جيارا.

••

پل پل اوسيڙو آهہ تنهنجو، پل پل تنهنجا پور،
آس نہ لاٿي آهيم پيارا، ايندين نيٺ ضرور.

••

مون برهڻ جي پيرن ۾ ڏس، اڄ جا پيا زنجير،
منهنجا ڏک تون دور کرين، برهڻ جو تون پير.

••

نور - پريا ہئي نيڻ اوهان جا، نور - پري پيشاني،
کهڙي ديس کان آيا آهيو، ناهي اوهان جو ثاني.

••

سهسين سزائون سان، سورن جا سامان،
مڻو مجبوريءَ ۾، ويچارو انسان.

سات تــي ساري گهٽو، هيڪلي ٿي آهہ ڪونج،
ڪچي پڇي ڪون ٿــي، ســن ۾ آهس مونجهہ.

●●

تون تان آهين ســون سريکو، آءٌ آهيان لــوهہ،
توکي ساجن پيار ڪري، مون ڪيو وڏو ڏوهہ.

●●

منهنجي مـــن ۾ آهـــن پيارا، ازل جـــا آواز،
هڪڙا روح سان راڳ ڳنڍا ۽ ٻيـا سُريلا ســاز.

●●

منهنجون تو ۾ آسون آهن، نيٺ تہ منهنجو ٿيندين،
وه ڪائي مري آءٌ ويندس، چپر جي تون ڇڏيندين.

●●

من کي من سان راه ٿئي ٿــي، اها پرت جي ريت،
ســازن ۾ آواز نــوان ۽ گيتن ۾ سنگيت.

●●

رات جون ڪاريون ڇڳون، جهڙا گهايل گيت،
تارن سوڌو چنڊ لڪي ويو، ٿيو نـــہ من جو ميت.

●●

ڪلهہ جــو گذريو سانورا، اڄ ســو ناهي ڏينهن،
ڪنهن ٿي ڄاتو ڇڄي ٻہ ويندو، ڪچي ڌاڳي جئن نينهن.

●●

تون رسين پرچايان توکي، مون کي ڪو پرچائي،
سيڪو پنهنجي پـــر ۾ پورو، سيڪو پيو لهرائي.

●●

تون ئي آهين شاعر منهنجو، تون ئي آهين هادي،
تنهنجو شعر تــہ امرت آهي، ملڪ ۾ آهي منادي.

پرم اسان جــو رک پڻائي، آهيون اسين اناڙي،
تنهنجو بيت نہ سمجهون تا ۽ ڪنهي وٺون تا ڪياڙي.

••

حال اسان جو هيٺو آهي، سور اسان جا پيٽا،
سادا سودا ماڻهو آهيون، لڄ رکڄ لاڪيٽا.

••

تنهنجا نانءُ ڪٿون تا پيارا، توکي ڪونہ سڃاڻون،
رومي، جامي ۽ حافظ سان، توکي پيٽي چاڙون.

••

تون ٿي ڪرم ڪر پڻائي، تون نہ ڪر ڪو وارو،
هڙئي منجهيا ويٺا آهيون، 'ڪنهن چيو ڪيڏارو.'

(١٩٥٦ع کان ١٩٧٩ع)

## بيت

ڪَهي ويو قافلو، ڇڏي نينهن نشان،
ويا ٿي ويران، پريا پاڻ پنهور جا.

●●

ڪَهي ويو قافلو، پٺو ڪونه پيوم،
مٿل هيس سرتيون، ڪُهي پاڻ ويوم،
هيڙو حال ٿيوم، ڪُنلي ٿي ڪارون ڪريان.

●●

ڪهي ويو قافلو، ڇني ڪري ڇيهه،
مُنڌَ م ائين ويهه، هل هوتن سامهين.

●●

اڱڻ مٿي اوٺرا، ڏاڍا ڏير ڏٺام،
مون نه پروڙي مام، ته ڪندا جاڙ جيڏيون.

●●

اڱڻ مٿي اوٺرا، ڏاڍا ڏٺم ڏير،
ماري معذورين کي، پويان ڪيائون پير،
سارِيان جي سوير، نه مرتيون سَيج پنهور ۾.

●●

اڱڻ مٿي اوٺرا، سيڻ سمجهيا مون،
ڪيچين جي ڪرهن جي، پڌجي هونگ نه هون،
پنهيون هيءَ پون، ساڙي منهنجي ساهه کي.

اگڙ مٿي اوپرا، جهوري ويا جڏي،
اوٺين آڏيءَ رات جو، ميڙي ڪنئي مڏي،
سنبري لاڪم سرتيون، آريءَ جي آڏي،
لاڏوئن لڏ لڏي، ڪنهي ويا ڪيچيا.

••

اگڙ مٿي اوپرا، اديون ڏٺم آٺ،
ڏيئي باھ ڀنڀور کي، پوان پنهون پٺ،
ڪرهن ڪيچين جٺ، جاڏي ڪئي جيڏيون.

••

ڳائڻ ۽ ڪاهڻ، اديون ڪيچ وٺڻ ڏي،
پنهون پرچائڻ، سؤ ڪو ناهي سرتيون.

••

ڳايان ۽ هڪاهيان، اديون ڪيچ وڃن ڏي،
پنهون پرچايان، سانگ ڪهڙي سرتيون.

••

ڪنهي ويو قافلو، اڳيان رکي رڃ،
الله آهيم آج، پرديسيءَ جي پيار جي.

••

ڪنهي ويو قافلو، ڻگي من نوڳي،
مري سنڌ موڳي پڻي پيچرن تي.

••

ڍنهل تنهنجا پير، ووڙيان واٽن تي،
ڏکيءَ سندا ڏير، ڏنگا ۽ ڏاڍا ٿيا.

پنهل جا ٻيرا، پچي پٻ ڪان،
وات نہ سجهي ولهيءَ کي، ٻلجيو ڏي ٻيرا،
ساڻي سويرا، ويا لڪ لتاڙي.

••

هجي سڪ ساهڙ جي، گهڙو مر ڪچو،
گهڙي ٻوڙيندس گهورن ۾، اٿم سنگ سچو،
مرتيون، سڀ اچو، مٽي هن مهراڻ ۾.

••

ٻُري گهڙو پور ٿيو، وس ويم واهون،
ٻڏيءَ جي ٻاڪار سڻ، دلبر هي دانهون،
ٻيلي مون! ٻانهون، هٿن چڙيون هت ميان.

••

ٻُري گهڙو پور ٿيو، واهون ويم وس،
گهُورن مان ڪو گس، لڀي تہ لڙهندي وڃان.

••

ٻُري گهڙو پور ٿيو، واهون وس ويام،
ساهڙ يار سير ۾، تنهنجا سڏ سٺام،
وڏا مڇ مليام، ڀانڊي جيڪي ٻرڻ جا.

••

ٻُري گهڙو پور ٿيو، سهڻيءَ سچو سنگ،
تاڪن تڪيو تنگ، سهڻيءَ کي سير ۾.

••

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، سمايا سڀ سُور،
ٻيجل ٻئي ٻور، حاصل ڪيا هيج سان.

••

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، سور سمايا،
جي تو سڻايا، تن اندر وڍي اڌ ڪيو.

چارڻ تنهنجو چنگ، رڳا سور سلي،
روح رچئو رنگ، سورن منجهه سمائيو.

••

چنگ چنگيلا چور، آنٽ اچي اندر کي،
سُر جو سڳو سور، سؤ وار وڍيان سِر کي.

••

سِر ۽ سُر کي تو ڳنڍيو، تڏهن رچيو رنگ،
چارڻ تنهنجو چنگ، سڃوئي سور ٿيو.

••

چارڻ تنهنجي چنگ سورن جو سامان،
سڏجن جي سلطان، سي پهر ۾ پٺي ٿيا.

••

سُر تنهنجي ساٿيا، جيءَ ۾ ڪئي جاءِ،
ميلو ماڪ مچاءِ، سئو وار وڍج سِر کي.

••

ڏڳان تيسين طابيان، هڪي هڪ واريِ،
اِهو اڪر انڪاري، سئو وار مسي ڏيڻ.

••

سُر ڏيو سِر وٺين، اِها کهڙي ريت،
چارڻ چو ٿيو چنگ ۾، مڱڻا تنهنجو ميت،
جاجڪ اٺين م جيت، ڪو مال گهُر تون مڱڻا.

••

سڻي سوڍل سڏ، ڪامل وري ڪاڪ تي،
سرتيون سندم هڏ، راڻو رولي هليو.

راڻل ٿو رسين، اڇي هنئين چڪَ،
هوند هجيئي سڪ، ته سومل سڃاڻين ها.

••

ڍولا او ڏيت ڏٽي، جيئڻ ٿو جهوري،
ڪانگن کي ڪوري، ڪ ڏيان ماس مروئن کي.

••

ڍولا او ڏيت ڏٽي، ڍولا عيب ڏيکينم،
ايڏو ڏنپ نه ڏينم، جو سوڍا سهي نه سگهان.

••

رس ڀري هيءَ راتڙي، سومل کي ماري،
سوڍل کي ساري، نڪري ساهه سرير مان.

••

سهڻا ساڻي سڌ ڏي، چڌ نه چني مون،
منهنجا ساڻي سانورا، من ۾ آهين تون،
سُرهي ڀايان ڀون، جتان آيو جيڏيون.

••

سهڻا ساڻي سڌ ڏي، ڪٿي پيو وسين،
ڀاڻان ڪوڻ اچين، اچان روڪين راهه ۾.

••

سهڻا ساڻي سڌ ڏي، تو کي ساري ساهه،
منهنجي من جي باهه، ٻري ٻاري جڳ کي.

••

ٻسي مک محبوب جو، مڙي ويو ماهتاب،
اندر وڃي اڌ ٿيس، پچي ٿيو ڪباب،
لالڻ لاجواب، گهوريس سندس گهور تان.

آگا تنهنجي آسري، پيئي تار تران،
واڪا وس ڪريان، مٺي ماڳا هئين جي.

••

آديسي آديس، سڄڻ سارئي ساهه،
'محب منهنجا سپرين، آٺوندءِ الله'،
ايئن آچاريو شاهه، فرمايو فڪر سين.

••

تون تونئي تون، سُر ڪليو سُرندي،
اکيون ڪيئي ابر مان، پاکيا پِر ما پون،
تنهنجي من ۾ مون، ذرو ڏئو ذوق جو.

••

ايئن ويهڻ مانڊ ۾، جئن ڪا اپسرا،
منهنجي من جي ڪا، سار لهيج سپرين.

••

هيڏا جبل جاڏا، هيڏيون ترايون،
مرمي مرايون، ڪيئن هن منيءَ مان.

••

ڪي ميٺن منجهه مونهن، ڪن جو ساٿي ڪونه ڪو،
ڪنهن ڪي واڪا ڪن، گڏيا گهمن گوندرين.

••

مون جي هن ميدان ۾، ٻه ٽي پير پريا،
وائون واسينگ ٿيون، گوندر گس ٿيا،
ڪري ڊوهه ويا، رڙان پئي روهه ۾.

••

ساجن ساري رات، ويئي تارا تڪيان،
اڄ اوهيڙن ۾، ڪريون ملاقات،
گذري جي برسات، ملڻ ٿيندو ڪينڪي.

گھڙا ٿيون پرين، گوهر ڀسن ڪينڪي،
اونهي هن عميق ۾، جاچي جهوت نہ ڏين،
نا ڪئا نوازين، تہ انت ڀسن آب جو.

••

ويهي ڪي ويچار، گھڙا پريندئين ڪيترا،
مٿي هن مهراڻ ۾، آهي ڪو اسرار،
اونهي منجهہ نهار، تہ موتي ميڙئين آڻ ميا.

••

ويهي ويچاريو، جنهن اِن اسرار کي،
گھڙا انهيءَ گھيڙ تي، پيچي سو آيو،
موڏو سجايو، آهي آن جو جيڏيون.

••

ڪنهن کي پيئي ڪا، ڪل انهيءَ اسرار جي،
گھڙا تنهن گھيڙ تي، پيچي ڪيا پٺڪا،
رمز ڀروڙئين سا، جا پرڻ وارا پليا.

••

شاعر پنهنجي شاه تان، گھٽو ڏي گھوريان،
گفتا هن گواڻ جا، چيتر ۾ آءُ چوريان،
تڪيان ۽ توريان، لک سان لفظ لطيف جو.

••

جاني منهنجي جيءَ ۾، سُور ٿي سماءِ،
من اندر جا باه، اجهي ڪين آلا ڪيڊي.

••

ٻڌي ٻالهيون ٻوٽ جون، منجهي منهنجو من،
مي سوڻا ڪيٺن سهن، من جنين جو ميٺ ٿيو.

اکڙين منجهه خمار، نيڻن منجهه نشو،
پريتم تنهنجو پيار، روڪ لڳائڻ روح کي.

••

ويٺي جام اگهيان، نوري نماڻي،
هوءَ سيج سونهي، سميون پيرن پاڻي،
عزت اياڻي، نئڙت ساڻ نڀائي.

••

تون ٿو ٿئين ڪلين، جڻن ڇهڪي ٿو ڇتون،
مون سان جي ملين، ٿي جڳ وڃن وسري.

••

بديڻن جي پر ڪي، رسج تون سويلو،
وري آيو ميلو، وري رنگ رچيا.

••

جيءَ جي جنسار سان، جاهل ڪٿن جس،
هوند هليم وس، ته سڏيان سنڌ سنسار کي.

••

ترهو توڙ نه تڳيو، هنئين وڃايم حال،
جانب منهنجي جيءَ ۾، جهوري جنجال،
صدائون سوال، تو در آندم سپرين.

••

سير ڏيان سر نه ڏيان، ڪامان آڏامان،
مٺو جي ٿيان، ڇهنب نه ڇوريان ڪڏهن.

••

سي پڻ ڏينهن ڏٺام، روز مڪائون سنيهڙا،
هاءِ هي ايام، ڏسن ته ملن ڪينڪي.

سور نہ ساريان سپرين، لاڻ اوري اڄ،
اڇي عبدالجبار سان، ڳالهيون اورڃ ڪچ،
سچيو اٿم من ۾ محبت سندو سچ،
پريتم اڇي پڄ، هن بره جي باه ۾.

••

پيتا سون ڀرين سين، جيڏيون جام پري،
سون ڪي محبوبن ري، ساعت ڪين سري،
اديون عبدالجبار چئي، ويا ڪيڏو قهر ڪري،
اڇي شال ڏري، محب سون تي هٿڙا.

••

هلندي ڪا هوت ڏي، ڪا هوت ڏي هلندي،
سلندي سور بره جو، ڪا سور بره جو سلندي،
جانب ري جلندي، جلندي ڪا جانب ري.

••

آڏي آت آڏام، جتي ناوڪ نينهن جي،
جتي ننڊ حرام، آڏر آت ڦڪيڙا.

••

منهنجا سائي سانورا، چو منهن تو سٿائين،
ڳٽيو ڳٽائين، اوڳڻ عبدالجبار جا.

••

ڪڏهن خط لکن، ڪڏهن وڃان وسري،
اڃان ڪي اٿن، عجب جهڙيون عادتون.

••

سدا سانيڻن جي، پرور رکج پت،
وينا روئن رت، وڇڙي اڄ ولر ڪان.

ڏڏڪو درياء شاه جو، عجب ڏنوسون،
صاحب تون ئي تون، آئل آئي اوچتي.

••

پاڪ پيشاني پرينءَ جي، قدم جئن مرڊنگ،
ڪڏهن ثلي مور جئن، ڪڏهن ڊيل سندي ڍنگ،
عجب رمزون رنگ، آهن عبدالجبار چئي.

••

پاڪ پيشاني پرين جي، نيڻ ٻئي نيزا،
سونهن ڪُرَ ڪنن ۾، عجب آويزا،
گُجر گريزا، آهي عاشقن ڪان.

••

پاڪ پيشاني پرينءَ جي، جاڙا ڀوُنر پرون،
اسين تنهن عجيب ڪان، فراقيا قرون،
ڪهڙي چور چُرون، آڱڻ تان عجيب جي.

(۱۹۵۵ع کان ۱۹۷۰ع)

# وايون

لات مٿي سا لات الا وو—
جنهن مان سونهن جو ساءُ اچي.

چانڊوڪيءَ جي ڪيرَ مان، وهنجي آئي سوغات،
موتين جهڙا مپرين، چانديءَ جهڙي رات،
سونهن مان سرڪيون پرينديي، ڪو نه ڪائي مات،
ٻوليءَ ٻوليءَ ساءُ پيو آهه، ڏات ڪري ٿي لات،
جنهن مان سونهن جو ساءُ اچي.

••

سات ويو جو رات الا،
مون کي ڏاگهن جو ڪو ڏيو ڏس.

ڪرهن سندو قافلو، نيو تـه ڏادي ذات،
ڏوٻڻ ڏاري آهيان، ڪٿيس تنهنجي ڪات،
جيس نه آهيان تنهنجي هرگز، ذات مٿي ڪا ڏات،
پيو تـه ٻجهان ڪين ٿي، رکي بره جي ٻات،
ورتم وات وندر جي، وائي تنهنجي وات،
آهه عبدالجبار ڪي، توريءَ ٻي نـه تات،
مون کي ڏاگهن جو ڪو ڏس ڏيو.

راتا رويو راتڙي، گهايل گذاري —
گهايل گذاري الا، سوڊل کي ساري.

محبت تنهنجي مينڌرا، موسل کي ماري،
مچ پريم من ۾، ويهان ڪيئن وساري،
جانب هاٿي جيڏيون، ڏاتر ڏيکاري،
الا عبدالجبار چئي، واحد ور واري،
راتا رويو... —.

••

ويندڙ آءُ وري، تولئہ آهن اکڙيون آڇايون.

ڦهڙي منڊ ۾ هيڪلي، ويندي منڊ مري،
سيم اسان جي آئي بهاري، آڙنگ ويو آ ٺري،
موسم من موهيو آهي، ويٺي جهر جهري،
توکي پڪاريان ٿي پرين، مون کي ڪين مري،
آءُ پرين پرديس نہ وڃ، آئٽي ذوق ذري،
ڪڪر ڪارو نيار ڏسي، پيم نيڻ ٺري،
ويندڙ آءُ —.

••

ڪونج آ ڇا لئہ آداس؟ جيڪس وڇڙي وڳر پنهنجي کان.

نيڻ آڇايا ڪٿيو نهاري، وڳر نہ آيس راس،
پلڪ پلڪ ۾ درد سمايو، قدم قدم ۾ پياس،
آس اندر ۾ آهي ان کي، نيڻن ۾ هڪ ياس،
عبدالجبار چئي عقل اسان جو، ناس ڪري وئي ناس،
ڪونج آ —.

سڪَ آڪاري پار، الا ـ گهڙو ڪٺجي ڪينڪي.
ٻيٺيءَ سڏيو ساهڙ کي، پهتو پڙاڏو پار،
ٻُري گهڙو ٻور ٿيو، ٻيلي سٿو نہ ٻار،
گهڙي ۽ گهيڙ جو، اکر ڪين آچار،
ساهڙ سندي سڪ ۾، گهڙي ٻنا گهار،
آهي عبدالجبار کي، پرت جي نہ پچار،
سڪَ آڪاري ـــ .

oo

ماريو سڙه جهاز، نا ڪئا ٿيا اڄ ڏاريان.
ڏيجي ويا دهشت ۾، عشق سندا آوازَ،
آهن بحر عميق ۾، روحاني کي رازَ،
سي تہ وڏجارا ويا، نيتِ ڪنيا جن نازَ،
آهن عبدالجبار کي، حاصل تينهن نيازَ،
نا ڪئا ٿيا ـــ .

●●

تن تہ تپايو تار يار، عطائي آيو.
ونائي ويجهو ٿي، وڃا سڀ وسار،
اندر وڃي آڌ ٿيو، سچن آهي سار،
چارڻ چوريو چنگ کي، هيج منجهان هيڪار،
سر سندو سؤدو ٿيو، ڏي ڪا پرت پچار،
اوڏو عبدالجبار چئي، دوست ٿيو دلدار،
عطائي آيو ـــ .

ٻرين ڪريو ڦوواري، ٻارڻ دلڙي ٻاري.
وڃ اوهان جي واهر ڳهرجي، موڻ ته حياتي ڳاري،
دل کي ڳهرجي دل جو دلاسو، سڌ اٿم اِها ساري،
وره وڇوڙو اؤکو آهي، ڳهايل سهي نه ڳهاري،
عبدالجبار ڇئي عشق ۾ هردم، زور آور منهنجي زاري،
ٻرين ڪريو —.

••

سانجهي ٿي تون سنڀار، آڌر پکيئڙا پنهنجي وڙهي.
ويڙه پکيئڙا تنهنجا وسندا، غافل ٿي نه گذار،
نينهن ڪيو آ توکي نرالو، نينهن متان ٿي نثار،
ٻڪ تون پکيئڙا چوٿو پچاڙين، ٻره آيو ٻار،
توکي سيڪجهه سؤکو آهي، تون ڪو ٻوڏو ٻار،
آڌر پکيئڙا —.

••

هينئڙا چڏ تون چيڙ پچار، ٻور اجايا ڪين پچاءِ.
متو ڪنهن جو سور نه ڳهر تون، سڀ جا ٻيڙا پار،
سڄڻ ۽ ويري تو ۾ آهن، پنهنجو پاڻ آجار،
ويرين جون چڏ سور مقالون، سڄڻ ويهي سنڀار،
عبدالجبار ڇئي عشق وارن وٽ، غافل ڪين گذار،
هينئڙا —.

توتان گهوريان هيرا موتي، پٿر ڪيٽن وسايان.
آهيان ويرين وچ ۾ پيارا، اڄاڻ جاڳيو ناهيان،
واٽن تي آءٌ نيڻ وڇائي ۽ پڻ وار وڇايان،
سر تريءَ تي تنهنجي ڪارڻ، گهوري آءٌ گهمايان،
سچ جو آهي سؤدو تو وٽ، گهرگهر لاتيون لائيان.
تون ئي آهين ساجن منهنجو، تو در جهمريون پايان،
عبدالجبار چئي وهم وساري، تنهنجا ئي ڳڻ ڳايان،
توتان —.

(١٩٥٧ع کان ١٩٧٠ع)

# ڪافيون

منهنجا محب مٺا اي بيپرواهه،
تنهنجو حسن جو زور سبحان الله.

١- منهنجي اکين جو تون تارو سڄڻ،
مون کي جان کان تون پيارو سڄڻ،
تو کي الله ڪيو سوپارو سڄڻ،
تنهنجي هر هنڌ آهي واه واه.

٢- اچي عبدالجبار سان پيال ڪَيَئِي،
وري خود خوديءَ جا خيال ڪَيَئِي،
اچي عشق وارا پيمال ڪَيَئِي،
تنهنجا ناز سڄڻ سبحان الله.

••

وطن رهئين تون وڃي، هٿ هٿ سڄڻ ڏس حال اسان جو.

١- آءُ سڄڻ تون پير پري، تو کي ماريان گهٽيئي،
قربئون ڪج ڪو خيال اسان جو.

٢- وصل تنهنجي جا وعدا سهٽا، ماه پساه ۾ ميئي،
جيئڻ ٿيو جنجال اسان جو.

٣- عبدالجبار چئي آخر اچبو، اگڻ اوهان جي ٻيهي،
فنا ڏسو في الحال اسان جو.

وڃي ڪين وري، هرڪا ڪيرت ڪري،
جيڪا ڏيان ڌري، سا ٿي تار تري،

١- جنين هڏ نہ ڳنو مي ٿيون سُور سهن،
انڌيون آتڻ ڪان هنئين ڏور رهن،
پهرين ڪين ڪتين پوءِ ٿيون هٿ هڻن
سرتيون تند طلب جيءَ ڪان ڪين سري.

٢- جيڪي دل ڪان ٿئي سوئي دوست ڏندو،
سوئي چاڻ سڄڻ آهي سڪ جو سندو،
ڪولي يار ته ڏس پنهنجي دل جو ڪندو،
هرڪو پنهنجي هڏ جي ٿو پيڙ پري.

٣- پنهنجو هٿ نہ هلي، ويهي سور پڇڻ،
روئي رڃ پرڻ ۽ ٻار ڪيڻ،
جيت سوچ ڪپي آت دانهون ڪرڻ.
اهو آهي عقل ڪان ٻار پري.

آءٌ روئان جڳ روئي، آهيان جڳ جي اک جو تارو.

١- آلاپيان ٿو پڻ سوز ڪريان ٿو،
راڳ ۾ ڪيئي رنگ ڀريان ٿو،
پيو تان آهي نہ ڪوئي، آءٌ ئي آهيان نينهن نظارو.

٢- منهنجي من ۾ ساز ڪي آهن،
آمد جا آواز ڪي آهن،
سوچيان ٿئي ٿو سوئي، سچ تہ سخن ۾ آهيان نيارو.

٣- سور وري اڄ سورٺان آهن،
آدمان اندر جا اوڙان آهن،
ڪهڙو ڪشٽ پيوئي، دل تي دلبر دورنگ وارو.

٤- خطرا لکين ٿو، سک ۾ سکين ٿو،
اڳي اڄان تان يار لکين ٿو،
ڪنهن کان سبق مليوءِ، ڪيئن سکئين اِهو عشق اشارو.

(۱۹۵۸ع کان ۱۹٦۵ع)

# غـــزل

ميخاني ۾ جـي مـون ڪي ڪالهہ رات سڃاڻي ها،
ڪنهن کي بہ نہ پياري ها، ڪنهن لاءِ نہ آڻي ها.

ٽاڻي سان پي ويو زاهد، ساقيءَ جـي هٿان سُرڪي،
هيءَ مئي نہ ملي تنهن کي ڪنهن ريت بہ ناڻي ها.

جي قيس جي جذبي ۾ هجي ها ڪا سچائي،
نہ پـاڻ پچاڙي هـا، نہ خاڪ ڏـي ڇاڻي هـا.

سچ زاهد بـي پرر کي، جيم ڪالهہ سـر راه،
سچ کي جي سڃاڻي ها، حورن ڏي نـہ تاڻي ها.

خواهش کي چيئين چاهت، چاهت کي چيئين خواهش،
خواهش کي ئي سمجهي ها، چاهت کي ئي چاڻي ها.

١٩٦٧ع

ٿو وڃي وسري خدا اي بيوفا تنهنجي اکيان،
پڻ سياڻا ٿيا ٿين سڀ پارڙا تنهنجي اکيان۔

منهنجي چاهت رنگ هڪڙو، تنهنجي چاهت رنگ گهڻا،
عشق ۾ ٿي ٿا وڃن رنگ ڪيترا تنهنجي اکيان۔

چنڊ تنهنجو جهڙس ناهي، سڀ تارا ۽ ڪتيون،
هڪ گهڙيءَ ۾ ٿي ويا هڙئي جهڪا تنهنجي اکيان۔

جنهن ڏينهن اچين ٿو ڳوٺ ۾، ڪهرام ٿو اهڙو مچي،
سڀ وڏيرا پيا هلن ٿيو وائڙا تنهنجي اکيان۔

ڪو زمانو هو تہ تون مون ساڻ هردم گڏ هئين،
اڄ ڏسان پيو پيا گهمن ماڻهو گهڻا تنهنجي اکيان۔

۱۹۶۸ع

اوهين اکين ۾ وهاريو ٿا اغيارن کي،
سزا وفا جي ڏيو ٿـــا وفادارن کي.

اوهان جي ظلم کي خزان سڏين ٿـا ماڻهو،
ڪرم اوهان جـــو چون ٿـــا بهارن کـــي.

اوهان جـــي چشم ستم جا قائل ٿياسين،
مڃيوسين ڪين ڪڏهن تيرن ۽ تلوارن کي.

ستم اسان تـي ڪريو جڻ ستم ئي گهريوسين،
ڪرم اوهان جو ٿو گهرجي اوهان جي پيارن کي.

هزار بـــار ملو ٿـــا ۽ دل ڏٺاريو ٿـــا،
خبر نـــہ آهي ڏٺاريو ٿا ڪيئن هزارن کي.

۱۹٦۸ع

# نظم

## ڇو چا ڪريون:

خوف مان مون ڏي ڏسي هُن پڇيو: ڇُون چاڪريون؟
سوچيم ٻيڻي انهيءَ دم ۽ چيم: بيٺا رهون،
هن چيو: ماڻهن جي اچ وڃ کي ڏسي ڊپ ٿو ٿيئم،
مون چيو: رڪشا ڪريون ۽ هل ته باغيچي هلون.
ماڻهن جي نظرن کان لڪي رڪشا ۾ ويٺاسين اچي،
باغ ۾ لهندي ٿي جهڳٽن ۾ وياسين ويڙهجي.

١٩٦٣ع

••

## سوئٽر ۽ سوچ:

ايئن سوئٽر آڻي آڻي پياري —
تون ته مون تي شڪ ڪندي هوندئين،
مون کي توسان نباهڻ نه، ڏنو ماڻهن،
تون الائي ڇا سمجهندي هوندئين؟
ايئن سوئٽر آڻي آڻي پياري.

١٩٦٥ع.

## پيڪنگ (۱)

پيڪنگ پيڪنگ! چين جي راڻي!
سڀ ڪـــان سهڻي، راڄ ڏڇاڻي،
تنهنجا منهنجا جـــذبـــا ســـادا،
مـاڻهو تنهنجا اهـــڙا ســـادا،
جڻ هـوءَ جيڪا حُسن معصوم،
سڀ ڪـــان سهڻي راڄ ڏڇاڻي.

١٩٦٦ع

••

## هانگ چو (۲)

'هانگ چو' جي هيءَ گهري ڍنڍ،
جڻ چيني محبوبن هي نيڻن جي گهرائي.
ٻيڙيءَ جو سفر،
۽ سانيءَ جو ڳائڻ —
'ٻڌيءَ ۾ قوت آهي'،
ڍنڍ ۾ سونهري مڇيون لُڇي رهيون آهن،
منهنجي روح وانگر.

١٩٦٦ع.

---

(۱) پيڪنگ — چين جي راڄ ڌاني آهي.
(۲) هانگ چو — ڏکڻ چين ۾ هڪ شهر آهي.

## پي هاءِ (١)

سهڻا تنهنجي اکڙين ۾ پي هاءِ جي گهرائي،
جيڪو ٻسي، نهاري سو پنهنجي ڏسي رسوائي.
هن شهر جي ماڻهن ۾ تنهنجو نه ڪو همسر آ،
چنگ‌شان(٢) جي چوٽين تي، هيءَ ڳالهه سون‌دوهرائي.
پيڙيءَ جو سفر توکي ياد آهه ڪ وسري ويو؟
تو ساڻ جا گذري سا هر هر گهڙي ياد آئي.

١٩٦٦ع.

---

(١) پيڪنگ جو 'پي هاءِ پارڪ'.
(٢) پيڪنگ جو 'چنگ شان پارڪ'.

## ڪاتيءَ ڪنّي (۱)

ڪاتيءَ ڪنّي اي ڪلي!
ڇا کي ڪٽئين؟
ڇا کي رڻئين؟
تو ڇا ڏٺو؟ ڪاتيءَ ۾ ڇٺو!
ماءُ جنهن تو کي ڄڻيو-
صد آفرين تنهن کي ڇوان،
چوڏهن بهارون تو ڏٺيون،
پندرهين خزان!
ڪاتيءَ ڪنّي!
خود آڏي تي سر رکي،
تو مرتبو حاصل ڪيو-
همت سنڌ کي آفرين،
چين جي اي سورمي-
شانشيءَ جي سر زمين،
ناز پل تو تي ڪري،
آزادگيءَ جي پنکڙي،
ڪاتيءَ ڪنّي!
گُل جهڙي نينگري،
نذر تنهنجي ڇا ڪريان؟
چند لڙڪ آهن، اي ادي!
ڪاتيءَ ڪنّي!

۱۹۶۶ع.

---

(۱) چين جي شانشي صوبي ۾ هيءَ سورمي 'ليوُخوُلان' ٿي گذري آهي. دشمن جي اڳيان نه جهڪي ۽ آن کري کيس ۱۲-۱-۱۹۴۷ع تي ڪات سان ڪُنو ويو. آن وقت سندس عمر پندرهن سال هئي. چيئرمن مائو به کيس واکاڻيو آهي. هي نظم شانگهائيءَ ۾ سندس يادگار پتلي اڳيان ۱۹۶۶ع ۾ لکيم.

## ڪئلن جو يادگار (۱)

هيءَ آڏي،
هيءَ اڃايل ڪات!
هي قاسي گهاٽ!
ڪئلن جي رت جا ڏيا،
انهن رنگ لاتو۔
چيانگ (۲) ظالم ۽ چتو بگهڙ۔
ميان تائيوان مان،
تنهنجو جنازو،
نڪرڻو آهي۔
تو انسان کي ڪرڙن وانگر ڪٽيو،
ميان پيا بہ زنجير،
ڪسندين تون ساڳي آڏيءَ تي۔
ڪئلن توکي ڪهندا۔
۽ تنهنجو آقا، توکي—
بچائي نہ سگهندو۔

۱۹۶۶ع۔

---

(۱) آزادي (۱۹۴۹ع) کان اڳ آن وقت جي راڄ ڌانيءَ نانڪنگ ۾ چيانگ ڪائي شيڪ، عوام کي بيدرديءَ سان ڪُٺو۔ آها آڏي مون آگست ۱۹۶۶ع ۾ ڏٺي۔ ڪئلن ۾ گهڻو تعداد شاگردن، اديبن ۽ استادن جو آهي۔ آتي ميوزيم بہ آهي، جنهن ۾ ڪئلن جي نالن جون فهرستون ۽ تصويرون وغيره بہ رکيل آهن۔

(۲) چيانگ ڪائي شيڪ، جنهن کي عوامي حڪومت ۱۹۴۹ع ۾ هڪالي ڪڍيو ۽ تائيوان ٻيٽ ۾ آمريڪا جي ٽيڪ تي وڃي ويٺو۔

### پنهنجو غم:

رکو پنهنجي دنيا جو غم ئي هجي ها ـ
هجي ها نہ چنڊ تي رسڻ جي ڪا خواهش.
رکو پنهنجو غم ئي غم ليکجي هـــا ـ
ٿجي ها نہ ڪنهن جي غمن ۾ شريڪ.
رکو پيٽ پنهنجي تي وجهجن ها ڦيٽا ـ
ڪجي ها نہ ڪنهن جي ڪڏهن ڀي مدد ـ
رکو پنهنجي دنيا جو غم ڪونہ گهرجي،
نيجي پاڻ سان غـــم سڀن دوستن جو.

١٩٦٧ع.

●●

### ذوريٽڙو:

هي ذوريٽڙو ـــ
جو وڻ تي چڙهي ۽ لهي ٿو،
ڇا هين ڪي بہ ڪي غم هوندا؟
هن کي بہ ـــ ستايو هوندو هم جنسن،
هن تي بہ ـــ ڪيا ڪنهن ستم هوندا!

١٩٦٧ع.

## چيڻي گڏي:

رات هوءَ چيني گُڏي—
منهنجي دنيا جي انڌيرن ۾،
ٻاهه جا ويئي رکي روشن چراغ.

۱۹٦۷ع.

••

## ويٽ نام:

سدا ٻيڙهجي پيو گهاٽي ۾ انسان،
نہ ڪالهين ماڻ ڪوبہ گَڙ تيل نڪتو.
هي انسان جيڪو ڪ آزاد آهي،
ڪنهن ٻانهو اِنهيءَ کي بنائي وڌو؟
فقط هوچي منهن وارو جذبو کپي،
ڏسو ٻوءِ ٻچا تو ٿئي دوستو.

۱۹٦۸ع.

## امن:

انسان جي عظمت اڳيان سر جهڪايون ٿا اسين.
اڄ نوان نغما نئون سازن تي ڳايون ٿا اسين.
اڄ اسان وٽ آشتيءَ ۽ امن جو پيغام آهي،
ظلم جي پنجي کان هرهڪ کي بچايون ٿا اسين.
ڪونہ سهنداسين ڪڏهن انسان تي ظلم و ستم،
سچ جي راهن مٿان گل وسايون ٿا اسين.
انسان تي انسان جو ظلم هلندو ڪينڪي،
ظلم جو نالو مٽيءَ ۾ اڄ ملايون ٿا اسين.

١٩٦٨ع.

••

## چنڊ ڇا سمجهي ڳالهہ؟

پن جئن وڻ مان ڇڻي،
آڏري وڃي، ڇڀجي وڃي-
تئن اسان جو حال وو.
تارن سوڊو چنڊ لهي ويو،
حال اسان جو ڪين پڇڏي ويو-
چنڊ اسان جو حال ڇا ڄاڻي؟
چنڊ ڇا سمجهي ڳالهہ؟

١٩٦٨ع.

ٿاريلي:

تون تہ آزاد آهين،
جتي تون گهرين تت وڃي ٿي سگهين-
نراليون نراليون تون ٻوليون ڪرين ٿي،
۽ ٻيرين جي ٽارين تي لوڏون لڏين ٿي،
ائين نظر مون ڪان تون ڇو ٿي بچائين؟
آءٌ ماري تہ ناهيان —
آءٌ ماري تہ ناهيان —
تون تہ آزاد آهين.

١٩٦٨ع.

••

خوشبوءِ:

دريءَ مان اچي ٿي جا تازي هوا،
ڪٿي ٻاڻ مان ٻيو ڇا ٿي اچي—
جهرڪين جي چيرچير،
۽ ڪوئل جي ڪوڪو-
چنبيلي گلاب،
۽ موتئي جي خوشبوءِ-
اِها ذهن منهنجي جي آهي غذا،
اِها ذهن منهنجي جي آهي غذا.

١٩٦٨ع.

## ڪيترن ڪيترن ڪنگهه پيو:

ڪي ڪي ماڻهو من جا ڪوٺا، شان رکن ٿا شاهي وو.
ليڪ به ڪوتا، ٻيڪ به، ڪوٺا، سڪٽي آڏ وڏائي وو.
آيتا ڦٻتا نعرا چـــاڻن، واه واه جـــا وسڪارا وو.
ڪوٺا پسٽڪ، پوٿيون ڪوٺيون، حاشيا ۽ واڌارا وو.
راتيان ڏينهان ڻاه ٺڳيءَ جا، ڪوڙي ڪن ڪمائي وو.
ڪي ڪي ماڻهو...

••

ڪي ڪي ماڻهو دل جا درياه، ٻوڙي جن ٻيائي وو.
سچ جو سودو آهي تن وٽ، ناهي ڪوڙ ڪچائي وو.
اول سڀ جو خير گهرن ٿا، ڪوڙ ڪپٽ ڪان آجا وو.
منهن تي ميٺ ميٺ ڪين سي چاڻن، سؤ تي سؤ سڀاجها وو.
اهڙا ماڻهو من جا موتي، عالم منجهه آڇائي وو.
ڪي ڪي ماڻهو...

••

ڪي ڪي ماڻهو گپ جا ڪلا، تيل جي جهڙي مٺائي وو.
حال حقيقت، ڪفر ڪرامت، سڌ رکن نه ڪائي وو.
سڪٽي ڪنيءَ وانگ آيامن، اهڙا ٿلها ٿانٺا وو.
ڪهڙو چنجي حال تنين جو، بس گڏه، پٿر ۽ ٻاٺا وو.
قدم قدم تي کيل تماشو، ساري خلق کيلائي وو.
ڪي ڪي ماڻهو...

١٩٦٨ع.

## ڊاڪٽر الانا صاحب جي گرفتاريءَ تي:

تون جي ناهين تہ گلن ۾ ڪانهي خوشبوءِ،
تون جي ناهين تہ ناهي پيرهن ۾ رنگ.
تون جي ناهين تہ ناهي ڪوئي همدم،
تون جي ناهين تہ خوشي جي ناهي-
تون هجين ها تہ پريان ها بهارن ۾ رنگ.
تون هجين تہ بهارن کي وڃڻ ڪين ڏيان ها —

اپريل ١٩٦٩ع.

••

## تشبيهون:

او ڍولا او ڍولا —
تنهنجي خاطر، وڻ ٻوٽي، چنڊ ۽ گل ۾ —
تشبيهن جي ڳولا —
توکي آخر ڇا مان ڀيٽيان؟
چنڊ ۾ گل ۾، رنگ روپ ۾ —
وڻ ٻوٽي، شاخ شاخ ۽ ول ۾ —
تشبيهن جا پولا-
او ڍولا.

١٩٧٠ع.

## سنڌي سوڀيا:

او پيارا او پيارا ! سنڌي سوڀيا وارا !
سنڌي گهٽن وارا، او سنڌي ويسن وارا !

پيارا ماڻهو سنڌ جا واسي، سنئين سينڌ جا مالڪ،
سنڌي چوٽين وارا او چوٽي ڦلن وارا!
عاج جو ماڻهو، چنڊ جي صورت، ڪير مڪڙ جون مُرڪون،
پانچيپن، چيرين، ڪڙين ۽ عاج جي ٻانهين وارا!
ڏند اوهان جا موتيءَ داڻا، اکڙيون هيري ڪڻيون،
جاڙن پروڻن وارا، او سنڌي نيڻن وارا !
واه جا ويس وڳا ڏيکيو تا خوب ٺهو ٿا،
مونڙي سوسيءَ وارا، آلين ۽ ڪنمالن وارا!
لوڏ لکن جي، چهرو روشن، اکڙين ۾ چانڊوڪي،
پارڪين ۽ منگلين وارا، ڪيرولن ۽ ورڻن وارا !
چني پانڌٽي، گربي انداڻ، گج لاڙائون سونهي،
جتيءَ تي ٺوٺر پشم جو، تو سونهن پاڳن وارا !

١٩٧١ع

## امانت علي خان جي موت تي:

موت نہ توکي ميجيان ها هرگز،
جي سُرن تي—
آڪارن تي—
آلاپن تي نہ اچين ها.
جي تانن تي—
۽ ميندن جي مهراڻ تي نہ، اچين ها.
جي گيت ۽ سنگيت نہ واپس کسين ها.
۽ غزل جا شعر نہ، واپس وٺين ها—
تہ موت نہ، توکي ميجيان ها هرگز.

۱۹۷۴ع.

## رڻ جو واهي:

سُچ جــا سرتا، رُج جـــا راهي، رڻ جـا واهي،
جيڏانهن وک وڌي تي تنهنجي، تيڏانهن آهي تباهي.
وڻ ۾ واڪا، ور وراڪا، سُچ ۾ آهـــن ٽـــاپـــا،
تيڪَ درياءَ جـــي آهي اڳيان، ٻيڙو تنهنجو تواڻي.
— رج جا راهي!

••

جيڪي ڪنهن جا ڪين ڪي آهن، تنهنجا سي ڪيئن ٿيندا؟
رهندي ڪونہ جواني دائم، جوڀن ڏينهن نہ ايندا،
جن جـــا سوز سانڍيو مـــن ۾، ايئن وڃين ويڳاڻو،
پڪ ڪري ڏس اهـــڙا ماڻهو سات نہ ڀاهي نيندا؟
سُچ جا سرتا!

••

ڪهڙي پريت ڪهڙا ماڻهو، اهـــڙا پيـارا آهن؟
ڇاجي ڪارڻ اهـــڙا ماڻهو پريت ۾ نيـارا آهن؟
اهڙا ماڻهو رڻ ۾ رولي، نيٺ ڇڏي ٿـي ويندا،
تنهنجي ٻيڙي سيـرَ تـــي آهي، دور ڪنارا آهن.
رج جا راهي!

پاڇن پنيان هلندي هلندي نيٺ تہ ٿڪجي پوندين،
دوکن پنيان هلندي هلندي نيٺ تہ ٿڪجي پوندين،
ڪوڙي آهي ڇانوَ ڪکر جي، من جا آهن وهم؛
وهمن پنيان هلندي هلندي نيٺ تہ ٿڪجي پوندين.
سچ جا سرتا!

••

سوني آءٌ تون رُج جا راهي سوني آ،
سوني آءٌ تون سُج جا سرتا موني آ،
چو تو پنهنجو پاڻ ائين تون رڻ ۾ رولين!
سوني آءٌ تون رڻ جا واهي سوني آ —
سچ جا سرتا سوني آءٌ تون سوني آ.

١٩٧٤ع

(نظم)

# ترجما

## عاج جهڙيون ٻانهون (١)

اڄ رات ڦوچو ۾ چانڊوڪيءَ ۾—
هُوءَ جهاتيون پائيندي هوندي.
ٻار، گهري ننڊ ۾ هوندا،
۽ انهن کي پنهنجو پيءُ—
خواب ۾ نظر نہ ايندو هوندو.
سرديءَ ۾ هُن جا ڪارا وار،
عاج جهڙيون ٻانهون-
ٺار ٺاري وڌيون هونديون-
ڪڏهن اسين گڏ ٿاسين؟
دريءَ وٽ گڏ ويهي،
چانڊوڪيءَ کي،
خشڪ اکين سان ڏسنداسين.

١٩٦٥ع.

---

(١) هي نظم چيني شاعر تُوفُو (٧١٢-٧٧٠ع) جو لکيل آهي. هُن جي سڄي عمر بک، بيروزگاري، سرديءَ ۽ حڪومت جي عملدارن جي ظلمن کي منهن ڏيندي گذري. هي نظم 'چانگ آن جيل' ۾ لکيائين، جڏهن سندس زال ۽ ٻار ڦوچو ۾ هئا.

## ذهناڻي ۽ هٿ (١)

تاڻيل پروڻن سان،
آءٌ انهن ماڻهن کي ڏڪاريان ٿو—
جيڪي سون کي ڌوهي ٿا چاڻن،
پر آن ٻار اڳيان—
نماڻي ڏڳي وانگر ڪنڌ جهڪايان ٿو.
جيڪو هٿ کان خالي آهي.

١٩٦٥ع.

••

## سچ لڌي (٢)

سچ ڳاڙهي حلواڻ ۾ پيو لڪي،
ڪي سهڻيون ڇوڪريون،
ڪان ڪڍن پيون،
ڪنوار جي رتام ڳلن ۾—
چا پيو ڏسجي—
هو ءَ جا پنهنجي محبوب جي پاڪر ۾،
سڪون حاصل ڪندي.

١٩٦٦ع.

---

(١) هي نظم چين جي مشهور ناول نگار، نقاد، افسانہ نگار، شاعر ۽ انقلابي اديب لُوشُن (١٨٨١-١٩٣٦ع) لکيو.

(٢) ڪومورو (ولادت ١٨٩٢ع) هن نظم جو خالق آهي. هو چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جو هڪ اهم ليڊر آهي. چين جي وڏن شاعرن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو.

## چانگ شا (١)

هن ٽڪ ۾ —
آءٌ اڪيلو بيٺو آهيان،
۽ ڏسان پيو —
ندي وهندي پئي وڃي.
نارنگي رنگ جي ٻيٽ کان اڳتي،
ڳاڙهي رنگ سان ڍڪيل،
ٽڪريون آهن.
هوا ۾ پکي ڦيرانٽيون پيا پائن،
مڇي پاڻيءَ ۾ —
۽ لڳين جيئن آسمان هيٺ،
آزاديءَ لاءِ پيا پاڻ پتوڙين.
آءٌ عظيم ڌرتيءَ ۽ نيري آسمان کان
پڇان ٿو —
قدرت جا ڌڻي ڪير آهن؟ فقط اسين.

١٩٦٦ع.

---

(١) هي نظم چيئرمن مائوزي تنگ جو آهي.

ھندي دوھا:

ٻينھن سڳو، سوئي سڳو، رت سڳو ھت ناھ،
ماءُ ويئي زال جلي، اچرج جڳ کي آھ.

••

ٻانھن ڇڏايو تو وڃين، نٻل ڄاڻي موں،
دل منجھان ويندين جڏھن، مرد ٻوءِ ڄاڻين توں.

••

چمپا تو ۾ ٽي ڳڻ، واس، روپ ۽ رنگ،
اوڳڻ تو ۾ ايترو، ڀؤنر نه رکئي سنگ.

••

ھلڻو آھ رھڻو ناھي، ھلڻو آخرڪار،
’سھڄو‘ ٻڌي سھاڳ تي، ڇو ويڙھائين وار.

مظلوم ڪهاڙي

## درياءَ پرتي ڇوڪر ڪئي

هيرو: تون باغن ۾ تون بهارن ۾،
تون گلن ڦلن گلزارن ۾،
تون ڪلين جي رخسارن ۾،
تون لهرن ۾ تون ڪنارن ۾،
تون شعلن ۾ تون شرارن ۾،
تون آهين مست نظارن ۾،
تنهنجي جاوي مان ورتم جهوليون ڀري-
مين ڪير جئي ۽ ڪير مري،
هن راهه تي ڪلندا ڪڏنداسين،
وري درياءَ پر تي ملنداسين،
۽ گهڻ به گڏجي هلنداسين،
پوءِ حال اندر جو سلنداسين،
منهنجي راهه ۾ تون منزل به تون،
آسان ڪندئين مشڪل به تون.

هيروئن: آءٌ امان ڪي اڄ ئي چوان ٿي وڃي،
گهراوندي ڪنڊ آءٌ پوان ٿي وڃي،
ڪريان شاديءَ جوئي بيان ٿي وڃي،
بس تنهنجو ئي نالو وٺان ٿي وڃي،
آءٌ خوشيءَ مان ڇيڇ لڏايان ٿي-
نچي گدم مان لت آڏايان ٿي.

هيرو: تنهنجي زلف جي پيچ بيتاب ڪيو،
تنهنجي پرسنالٽيءَ هڻي ڪباب ڪيو،
مون ڦٽو سمورو نصاب ڪيو،
۽ پنهنجي دل ۾ هي حساب ڪيو،
تہ مار نہ ڪاٿي اچين تون گهران-
ڪري ذڪر منهنجو ٻڌين منهنجا لاهہ.

هيرو: هي بيٺل ۽ باجا ڀڏيں ٿي تون؟
ڇ ڪهڙي سبب نہ ڪڇين ٿي تون؟
۽ پيار بابت نہ چوين ٿي تون؟
مونکي نند نہ آهہ ۽ سمهين ٿي تون!
ٿيو شڪر اسان جي شادي ٿي-
ٻڌ خوب خوشيءَ جي منادي ٿي.

راوي: واهہ واهہ ڪهڙي شادي ٿي!!
رکيو ملڪ سڄي ۾ منادي ٿي،
پهرين بيٺي ڪنوار فسادي ٿي،
پيو جهيڙو گهر ۾ تعدي ٿي،
وڌي جنگ وڌي ۽ ٿيا ٻئي بيزار-
نڪ گهٽائي گهوٽ ۾ نڪا ڪمي منجهہ ڪنوار.

ڪنوار: هُو درباءَ ڀر تي رهاڻيون ٿيون،
رهاڻيون جيڪي ڪهاڻيون ٿيون،
سي خوشيون نہ مونکان ماڻيون ٿيون،
اڄ منهنجيون ا ڪيون نماڻيون ٿيون،
تنهنجي رمز مون چاتي هاڻ سڄڻ-
توکي پيار نہ هو مون ساڻ سڄڻ.

**کهوٹ:** پاڻهي مونکي سڏڻ توکي ياد هوندو،
منهنجو روز ملڻ توکي ياد هوندو،
آهي ناز ڪرڻ توکي ياد هوندو،
وري وقت ڏيڻ توکي ياد هوندو،
توکي ياد هوندو منهنجو روز اچڻ—
توکي ياد هوندو در جو کڙڪڻ.
تو شادي ڪري احسان ڪيو!
منهنجي پگهار کي سگريٽ پان ڪيو،
تو گهر کي ڪپڙي جو دڪان ڪيو،
هر نئين ڊزائين جو فرمان ڪيو،
تنهنجا حڪم سمورا مڃيندو رهيس—
پاڻهي پاڻ تباه آءٌ ٿيندو رهيس.

**ڪنوار:** منهنجي فرمائشن ڪان ننائين تو،
هيئن هرهر دل چو دکائين تو؟
منهنجي من ۾ باهہ لڳائين تو،
گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ رسائين تو،
نہ پاڻ ڪڏهن پرچائين تو!
ڪٿي صاف پڌائي چا چاهين تو؟
هيئن هرهر مون کي چڙب نہ ڏي—
تنهنجي دعوي تو پيارا ڪير ڪري!

**کهوٹ:** تنهنجو شهر چڏي هليا وينداسين،
ڪڏهين ياد گهٽو تہ نہ ايندداسين،
تنهنجي منهن مقابل نہ ٿينداسين،
پرديهہ ۾ ڏينهن ڪٽينداسين،
تنهنجو ڏيهہ چڏي پرڏيهہ وڃان—
تنهنجون ڪهڙيون ڪهڙيون گهرون مڃان.

پوءِ نيٺ تہ توں پڇتائيندئين،
پيئي پنڌ منهنجا پڇائيندئين،
پيئي ڪانگ ڪبوتر اُڏائيندئين،
روئي پنهنجو من پرچائيندين،
پيئي پنهنجو ڀاڳ ڪي ڪائج تون-
۽ قسمت کان سپ پائنج توں.

ڪنوار: ڀهرين پريت جو پيچ ٻہ پاتو تو،
ڪيو منهنجو من ٻلاتو تو،
جڏهن پيار ۾ ڏنو مون کي آنو تو،
تڏهن توڙڻ گهريو وري ناتو تو،
منهنجو قدر نہ پيارا سڃاتو تو،
پنهنجو ڀاڳ کي سپ ڪجهہ ڄاتو تو،
اڄ مون مان وڏون ڪيڏين ٿو تون-
ڪڏهن پيار مان ڪونہ سڏين ٿو تون،
تو رنجايو گهڻو آه منهنجو من،
توکي کهڙيون ڏائٽيون فون ٿيون ڪن؟
آهي ڏائٽيون ڏيهہ جون سپ مرن،
اِهي فونون ٻڌي منهنجا ڪن ٿا ڪڙهن،
رڳو ڪوڙ ڪري ٿو ٻور ڪرين-
ڪڏهن گهمڻ لاءِ ڪونہ ٿو زور ڀرين.

گهوٽ: اِئين فون جي ڪال تي سڙي نہ وڃ،
توں ڳالهہ ڳالهہ تي سڙي نہ وڃ،
رڳو پنهنجي خيال تي سڙي نہ وڃ،
پرائي اشتعال تي سڙي نہ وڃ،
هن سخت مال تي سڙي نہ وڃ-

منهنجي هيءَ حال تـي سڙي نـه وڃ.
توکي ڳالهه ڳالهه تـي ڇڙڻ ٿو وڻي،
۽ گلم تـي ڪڇرو ڪرڻ ٿـو وڻي،
توکي ڏونگي ڪان ڀـڃڻ ٿو وڻي،
تنهنجون ڳالهيون ٻڌي مون کي مرڻ ٿو وڻي،
تـوکـي لاڏ گهڻي بيپرواه ڪـيـو ـ
مون کي ماٺهين پڻهين تباه ڪيو.

ڪنوار: منهنجا سائت ميتَ ڪُواريا تـو،
تو وعدا ڪيا سي نـه پاريا تـو،
مـون کي سبزباغ ڏيکاريا تـو،
هت ڪيڙا ڪمي بيهاريا تـو؟
تنهنجا نـوڪر چاڪر ڪٿ آهن؟
۽ گـاڏيـون مـوٽـر ڪيـٿ آهـن؟
مون کي شاديءَ کانپوءِ لفت ڏين ٿو ڪٿي؟
منهنجون فرمائشون ٻـڌين ٿـو ڪٿي؟
هاڻي گهر ۾ گهٽو تون رهين ٿو ڪٿي؟
وڃي راتيون ٻاهر رلين ٿـو ڪٿي،
مون کي گهر ۾ اڪيلي ڇڏيندو نـه ڪر ـ
اهڙا طعنا ٻـه مون کي ڏيندو نـه ڪر.

گهوٽ: منهنجي گهڻ کي تون رلڻ ٿـي چوين،
الائي چا کي تـون ڏڃڻ ٿـي چوين؟
منهنجي پيار کي تـون وڙهڻ ٿي چوين،
منهنجي اچڻ کي تون وڃڻ ٿـي چوين،
تنهنجي قولن قسمن جـو خير هجي ـ
تن سيند جـي وارن جـو خير هجي.

ڪنوار: مون کي اکين ۾ چيو تون وهارين نٿو؟
وري واري چپ چپ چيو وارين نٿو؟
مون کي ڳالهين سان تون ڏتاريندين نٿو،
ڪڏهن پيار مان مونڏي نهارين نٿو،
ڪيئن نهائين ڪان نينهن آءٌ سڪان۔
۽ ٻاهر ٻاڦ ڪيئن نه ڪڍان!
پنهنجو گهر سنڀال آءٌ اها ٿي وڃان،
منهنجي ڪج نه مقال آءٌ اها ٿي وڃان،
مون کي لڪج نه حال آءٌ اها ٿي وڃان،
منهنجو مونٽ محال آءٌ اها ٿي وڃان،
مون کي تنهنجي گهر مان ڪجهه نه مريوه
هاڻي وڃان ٿي ويڙهيڇن ڏي وريوه

گهوٽ: وڃي گهر وارن کي سلام چئيج،
ڀينر ڀائرن کي سلام چئيج،
پنهنجن پيارن کي سلام چئيج،
۽ ننڍڙن ٻارن کي سلام چئيج،
منهنجو لوافيئر اجايو ٿيو۔
سڀ خرچ پڪو اڃي ڪنڌ ۾ پيو۔

١٩٦٣ع۔

## متفرقو

### دوگانو:

مڙس— دنيا جي ڏکن دردن، رت منهنجو سڪايو آ،
هل چنڊ تي آڏيون گهرڙو هت جيئڻ آجايو آ.

زال— ڪيسو ته اتي خالي، ڳالهيون ٿو ڪرين وڏيون،
ڪجهه هوش جون ڳالهيون ڪر، ڇو سرتو کپايو آ.

مڙس— هيت آن به مهانگو آ، ڪپڙو به، مهانگو آ،
هڪ قرض جي بيماري، پيو ويـاج سوايو آ.

زال— ڪشا ۾ نه چڙهنديسانءِ، وڃ ڪار وٺي آ تون،
مڙس— مشڪل سان مون بشنيءَ کان ڪيسو هي بچايو آ.

١٩٧٢ع.

ٽلاڏيون:

قرار گهرجن ٿا قرار گهرجن ٿا،
اوهان کي گهرجن ٿيون پيار جون ڳالهيون-
اسان کي پيارن جا پيار گهرجن ٿا.

••

تو ۾ ساري جهان کي رکيوسين،
جيائون ته، آهي هي رنگين جهان-
در در تي سجدو ڪري پڻ ڏٺوسين.

١٩٧١ع.

••

قطعو:

جبو ۽ چگو ۽ دستار ته، چڱي،
اي واعظ تنهنجي گفتار ته، چڱي.
مفت جي ماني کائين ويٺو-
بيڪار ڪان آهه، بيگار ته، چڱي.

١٩٦٧ع.

**شعر:**

تون سڏين ۽ اسين اچيو پهچون،
کهرون نـــ زر ٿا نکي ناٺو ٿـا.

١٩٦٧ع.

••

هر ٻري ٽلندي وتي، چنگ شان جي چوٽين متي،
چو نـٿي آڏري وجي، چو نـٿي آڏري وجي؟

١٩٦٥ع.

# هائڪا

هڪڙو ئي ڏيو آهي،
منهنجي هن دنيا ۾-
آن ري ٻيو رکيو ڇاهي.

••

هو سمو کھڙو عجيب،
هنوءَ ساه کان ويجهي هئي-
۽ ستل منهنجو نصيب.

••

هل پاڻ رهون گڏجي،
چغلين ۽ گلائن کان-
آ چين هلون گڏجي.

••

منهنجي تون نٿي ٿين ڇو؟
ڳالهيون ٿي ڪرين وڏيون-
تصوير نٿي ڏين ڇو؟

••

آيپ ۾ ناهي سو،
منهنجو آهو چنڊ-
ڌرتيءَ تي جيڪو.

ڪو خواب ڏٺو هوندم،
ڪجھ ياد نہ آ مون کي-
چنڊ کي بہ چميو هوندم.

••

چاتي چيري ڪپ هڻي،
دل اندر ويهي رهي-
لنبڙيءَ وانگر چپ هڻي.

••

هڪڙي آس نراس،
منهنجي من ۾ پئي آهي-
توڙي ٿئي نہ راس.

••

ڏس اچي اڙينگ،
منهنجو ساهہ سُوراتي ويو-
زر جو ويري ڏنگ.

••

ن لاءِ لنويو ڪانگ،
ڪارا ڪارا وار جنهن جا-
جهڙا ڪارا نانگ.

••

چڙ ڏات رنو ويٺي،
چؤواٽي تي هڪ ماڻهو-
ڪلهہ رات رنو ويٺي.

••

هيءَ ڪهڙي وفا آهي؟
اکڙين ۾ محبت ۽ -
دلڙين ۾ دغا آهي.

مهراڻ جي ڇولين ۾،
ائين پيار لڪل منهنجو-
جئن ماءُ جي لولين ۾.

••

ائين وار نہ ويڙهي ڇڏ،
اڄ منهنجي ٻانهن تي-
اڄ زلف ٻکيڙي ڇڏ.

••

هيءَ رات نہ گذري ها،
جي وار نہ ويڙهين ها-
تہ چنڊ نہ نڪري ها.

••

چنڊ ۾ پئي نهاريو مون،
تارا پئي ڪليا مون سان-
چنڊ کي پئي ڏتاريو مون.

••

هيءَ چانڊوڪي رات،
آءِ ۾ ائين آ چنڊ-
سيني ۾ چڻ ڪات.

••

ڪاري ڪاري رات،
چهرو تنهنجو چنڊ-
نيڻن ۾ سوغات.

••

منهنجو ڪونهي ڏوهہ،
تارن هو روڪيو مُسڪي-
چنڊ ڪيو ڪو ڏوهہ.

ڇا الائي ڇئي وئي آهي؟
پنهنجي مُٺ ۾ گلاب کي مهڪي-
منهنجي هٿ ۾ ڏئي وئي آهي.

••

ساوڻ آندا سُورَ،
جيڪو آهي دل کي ويجهو-
اڪڙيس ڪان سو دور.

••

آهوئي ساهه آهو ماڻهون،
ڪپي ويو آهه حُسن-
وڏي ويو آ دونهن.

••

ماڻهو گهٽائي خام-
ڪي ڪي منجهن ڇگيرڙا-
پيا مڙئي بدنام.

••

دنيا آهي ڌوڙ.
ذرڙو جنهن ۾ سچ جو-
گهڻو آهي ڪوڙ.

••

ڪاش ڪري ڪو ڪوٺ،
آءُ وڃي هيڪر ڏسان-
وائي ڪنگ پنهنجو ڳوٺ.

••

ڳوٺ آهو وائي ڪنگ،
جنهن ۾ پڻ هڪڙي پري-
جهڙي پوڙي جهڙي گنگ.